سنت مالا

٥٢٣-٥٢٤

ايڪتا جو اوتار

واسواڻي

٠-٨-٠

وشيہ سوچي

سرپن

رسخان

جي ڪمل چرنن ۾!

واسواڻي

ٻيڙياتا! ٻيڙيءَ وارا!

ڪيئن ڪئي اَئُم ڪا نه تياري!
منهنجا پريتم! موهن مُراري!
اَءِ ٻيڙيءَ وارا! ٻيڙياتا!
منهنجي جيون جا اِڪ نيتا!
منهنجا گوبند! گوپال!
منهنجا راکو! رکپال!
ڏي مون اِڪ نِهار!
مون پار اُتار! پار اُتار!
منهنجو گهر ته آهي گوڪل ۾:
منهنجي جيون ته تنهنجي موکل ۾!
منهنجون سکيون ته گوپيون نماڻيون:
نه محل راڻيون، نه سياڻيون!
تن جي سنگ وهان، تنهنجي چرنن ۾!
تنهنجي ٻندرابن جي، ٻند چمن ۾!
اَءِ ٻيڙيءَ وارا! ٻيڙياتا!
منهنجي جيون جا اِڪ نيتا!
منهنجا گوبند! ڏي مون اِڪ نهار!
مون پار اُتار! پار اُتار!

پرستاونا

هن وقت منهنجا ويچار ۽ مان سمجهان ٿو اوهان مان گهڻن جا ويچار "جنماشٽميءَ" ڏي ڀيا وڃن. اهو سڀاڳو ڏينهن نزديڪ اچي پيو، جنهن ڏينهن، پنج هزار ورهيه اڳي، پياري ڀارت ۾ شري ڪرشن آيو. پريم جا پيرا پري، هن ڀڄ ڀومي، ڀارت ڀوميءَ ۾ شري ڪرشن آيو. شل جنماشٽميءَ لاءِ مان پاڻ کي تيار ڪريان: ۽ شل منهنجي دل صاف رهي، منهنجي جيون نرمل رهي!

اِن پوتر ڏينهن واسطي، مان پڇايانوَ، ڪهڙي هڪ ننڍڙي پرارٿنا مان اڄڪلهه وري وري ڪري رهيو آهيان؟ هڪ ننڍڙي نماڻي پرارٿنا:- "شل سڀئي هڪ ٿين!" شري ڪرشن "ايڪتا جو اوتار" هو. ۽ مان دل جي اندر وري وري پيو پڪاريان:- "شل سڀئي هڪ ٿين! سڀئي ملڪ، سڀئي قومون، سڀئي ديس، سڀئي ڌرم، شل هڪ ۾ هڪ ٿي وڃن!"

آسين هڪ ڪئن ٿيون؟ هن وقت آسين هڪ ڪون،

اَڄوڪي ڏينهن مهنجو پيغام توهانکي هن هڪ اکر ۾ آهي:- ”'Give! Give! Give!': 'ڏيڻ سگهو! ڏيڻ سگهو! ڏيڻ سگهو!'“ هڪ ٻيون، تنهن لاءِ ضروري آهي ته ڏيڻ سگهون. هڪ ٻئي کي ڇا ڏيڻ سگهون؟

هڪ ڳالهه مون ولتي پڙهي ته ڪيئن نه هڪ ڏينهن هڪ پوسٽ ماڻهو ڪن کي ڪوٺي ٿو ۽ کين چوي ٿو:- ”اَچو، اَچي درياه جي ڪنٺ تي ويهو.“ هي وڏو ماڻهو هو. هنجو چيو مڃين ٿا ۽ اَچي ويهن ٿا. ڌرمي ماڻهو آهن، تن کي هن ڪوٺيو آهي. اَچي درياه جي ڪناري تي ويهن ٿا. پوءِ چوين ٿو:- ”توهين ڌرمشت ماڻهو آهيو: توهان ڪي شڪتيون، سڌيون آهن: اُهي ڏيکاريو ته لوڪن کي خبر پوي ته توهانکي ڪيتريون نه شڪتيون، سڌيون آهن.“ هينئر پاڻ به ڪناري تي ويٺو آهي. پاڻ پنهنجي Power ڏيکاري ٿو. ڇا ٿو ڪري؟ درياه ۾ ٽپو ڏئي ٿو ۽ پيو تري: ٻڏي ئي نٿو. حشام ماڻهو اَچي ڪٺا ٿيا آهن. تن کي عجب پيو لڳي ته هن کي ڪيڏي نه شڪتي (Power) آهي!

پوءِ وري پيو ”ڌرمشت“ ماڻهو اَچي ٿو: ڇا ٿو ڪري؟ يڪدم مٿي چڙهي وڃي ٿو، مٿي مٿي آسمان ۾ ۽ ڏيکاري ٿو ته ڪيئن مونکي شڪتي آهي ته ”مان

آهيون. سنڌين جوني ويچار ڪريو! ڪيترا نه تفاوت، ڪيڏا نه تڪرار اسان ۾ آهن! ٿوري گهڻي ڳالهه تي ڪئن نه اسين هڪ ٻئي سان وڙهون پيا. هڪٻئي کي کهڙا ويچار پيا موڪليون؟ جدائيءَ جا ويچار! وري وري تڪرار پيا ٿين هن هڪ ننڍيءَ قوم ۾. ڀر ڪيترين نه قومون آهن! منهنجي اندر آهه هيءَ پرارٿنا:- "شل اهي سڀ هڪ ٿين!"

سوال اٿي ٿو:- هڪ ڪئن ٿين؟ اسين هڪ ڪئن ٿيون؟ اسين سنڌ جا، جي هن وقت هت آهيون، سي هڪ ڪئن ٿيون؟ ڀارت جي اندر ڏسو، هن وقت ڪيڏا نه تڪرار آهن! هڪ هڪ State ۾، هڪ هڪ پرانت ۾، ڪيڏا نه تڪرار! ڪيترا دفعا مون رنو آهه. سالن ڪانپوءِ پياري ڀارت کي ٿوري ڪڇ آزادي ملي: اچا پورن آزادي اسانکي ڪين ملي آهه: ته به انهن ٿورن سالن ۾ ئي، ۱۴ سالن جي اندر، ڪيترا نه تڪرار ٿيا آهن! ٻوليءَ جا تڪرار، سيمتا جا تڪرار، ٻين ڳالهين جا تڪرار: پاڻ ۾ ڇو نه ٿا مٺيءَ طرح هلون؟ ڀارت ۾ شل هڪ ٿي رهون! تڏهن وري سوال اٿي ٿو:- "هڪ ڪئن ٿيون؟"

شل ڏيڻ سکون! جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته هڪ ٿيون ته اسان جي اندر اهو وري ويچار اٿڻ کپي:- "ڏيون! ڏيون! ڏيون!"

ڌرم جي ڳجهارت هن ۾ آڻو:- "پيار ڏيو- پريوءَ کي پيار ۽ اِنسان کي پيار، غريبن دکين کي پيار، پکين ۽ پسن کي پيار!" ڌرم جو رستو سولو (Simple) آهي- رڳو اَسين هلون، هلڻ جي ڪوشش ڪريون-

اِڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته ٻندرابن ۾ شيام آيو آهي- لوڪن کي خبر پئجي وئي آهي ته "اَسان جو پيارو اَچي ويو آهي-" گهرن ۾ ۽ بزارين ۾، هرهنڌ خبر پئجي وئي آهي- لوڪ پيا چون:- "مرلي وڄي ٿي: اَسان جو پيارو آيو آهي- وڃون سندس درشن واسطي." پاڻ پيدر ٻوڙون پائين ٿا درشن واسطي. ڪٿي آهي؟ اَسان جو پيارو ڪٿي؟ شري ڪرشن ڪٿي؟ خبر پئجي وڃي ٿي ته هڪ وڏي باغ ۾ اِڪ نماڻي ورڪ هيٺ ويٺو آهي. مرلي سندس چپن تي: پيار سندس اَکين ۾! پيارو ويٺو آهي: ويٺو بسري وڄائي: ويٺو پيار ۾ نهاري! لوڪن کي ڪيڏي نه خوشي ٿئي ٿي! سر جهڪائي وڃي سندس چرنن ۾ وهن ٿا.

تڏهن هڪ سندس پيارو سوال پڇي ٿو:- "اَسان جا پيارا! اَسان جا ڀڳوان! اَسان جا پريو! اَسان جا ٺاڪر! اَسان جا ستگر! ورِي تون آيو آهين: ڪيتري وقت کانپوءِ درشن ڏنو اٿيئي: هيئنر اَسان کي پيغام ڏي، پنهنجي هردي جو سنيهو ڏي!"

آسمان ۾ مٿي چڙهي سگهان ٿو." اُنهن ٻيا ٻه ٻيون شڪتيون ڏيکاريون ٿا.

اُن وقت هڪ اِستري، پرڳتياٽي اچي ٻهڙي ٿي. سنتياٽي آهه، پرڳتياٽي آهه، پريوءَ جي پياري آهه. هن کي سڀئي مڃين ٿا. سڀئي چون ٿا:- "هيءَ سچي سنتياٽي آهه." هيءَ سڀن کي نهاري ٿي: مُشڪي ٿي: کلي ٿي: پوءِ چوڻ ٿي:- "پيارا! توهين ڇا وٺا ڪريو؟ ڌرم جي اِها ڳجهارت آهه ڇا؟ اِنهيءَ ۾ ڌرم آهه ڇا ته توهين پنهنجي وڏائي ڏيکاريو؟ ڌرم چوي ٿو ته توهين نماڻا ٿيو!"

وري مُشڪي ٿي: کلي ٿي ۽ چوي ٿي:- "توهانکي سڌيون مليون؛ اَختياري، طاقت توهانکي ملي: ڇا ٿيو؟ طاقت ملي، سڌي ملي: پر پريم ٻنا سڀ اَجايو! تنهن ڪري پيار ڏيو. پريوءَ کي پيار ڏيو ۽ هڪٻئي کي پيار ڏيو. اِن کان وڌيڪ مان ٻيو ڌرم ڪين سڃاڻان."

اَڄڪلهه سڄو ڀارت اَختياريءَ (Power) پٺيان پيو ڀوڙون پائي. اَڄڪلهه سڄي ڀارت جي نوجوانن ۾ پياس آهه ته اَختياري ملي، طاقت ملي: ۽ جيڪي ڌرم جي راهه ۾ هلن ٿا، سي به چاهين ٿا ته "اَسان کي شڪتيون؛ سڌيون ملن، جي ڪولي ماڻهن کي ڏيکاريون ته ماڻهو چون:- 'واهه! واهه!' ۽ ماڻهن ۾ مان شان ملي." پر سچي

"حسن اِي رنگي رنگ ۾
آيا، آيا پيولِيا!"

"هي پيارو سونهن ۾، حسن ۾ آهي. هن جو رنگ
اِي رنگ. اِي رنگي رنگ ۾ آج آيو! شيام! تون محبوب،
تون پيولِيو! تون آيو آهين!"

"روپ سونهني گهڻ ڪر آيا!"

ڪهڙي روپ ۾ آيو آهه؟ ڪهڙي عجيب روپ ۾؟
هي پيارو پوشاڪ پائي سونهن واري آيو آهه. شيام
اسانکي ڏيکاريو آهه عجب اسرار. اُهو اسرار ڪهڙو؟

"دکو درد ٻزار!"

شيام پنهنجي جيون ۾ ڏيکاريو ته غريبن دکين کي،
مسڪينن ۽ مظلومن کي پيار ڏيڻ ڇا آهي؟ "درد جي
ٻزار" مان منهنجو پريتم، منهنجو محبوب لڌگهيو. هن
پياري جي سکيا هئي ته "جن کي دک آهه، درد آهه،
تنکي همدردي ڏيو، پيار ڏيو!"

هن شاعر جي دل گم ٿي وئي دکين جي دک ۾،
مسڪينن جي درد ۾، هن ٻاڻ تي نالو رکايو "بيدل"،
دل بنا!

"بيدل واس مسڪينن ۾ ويکين
نُور حسن نروار!"

هي شاعر چوي ٿو: "هن پياري، پرم پياري

تڏهن شري ڪرشن هڪ ڪي نهاري ٿو. ڪئن نہ گد گد ٿين ٿا، خوش ٿين ٿا! ٻوءِ چوڻ ٿو:- "پيارا! هڪ اکر ۾ آئون نياپو توهان سڀن واسطي. اهو هڪ اکر آئون:- 'ڏيو! ڏيو! ڏيو! پيار ڏيو! پيار ڏيو!'"

مون کي طاقت هجي، هن وقت شڪتي هجي تہ، مان سڄي ڀارت جي اندر وڃي دؤرو ڪريان ۽ هڪ هڪ آستان، هڪ هڪ مڪان، هڪ هڪ هنڌ، هي هڪ پيغام ڏيان لوڪن کي، ٻانڙن ٻيئڙن کي، نؤجوانن ٻـڍن کي، استرين پرشن کي، شاهوڪارن غريبن کي، عملدارن کي. گنگا ڪناري تي ۽ جمنا ڪناري تي مان وري وري وڃان،- جئن هڪ وقت مان وڃو هوس،- هيئنر جيڪر وري وڃان ۽ وڃي هي هڪ پيغام ڏيان:- "ڏيو! ڏيو! پيار ڏيو! پيار ڏيو!"

مون کي يادگيري اچي ٿي ڪن مٺن اکرن جي، جي هڪ سنڌي فقير چيا، تنهن کي ڪيترا نہ سال ٿيا! هن سنڌي فقير جا اکر اڄ وري دل جي اندر ياد اچن ٿا: اهي اکر توهان جي چرنن ۾ رکڻ ٿو چاهيان. ڇا ٿو چوي؟

"شيـام آسان نـــون وڪلايا
عجب اســـرار!"

هي صوفي فقير چوي ٿو:- "اڄ ڏينهن سڀاڳو! شيام آيو! ۽ شيام اچي عجب اسرار ڏيکاريو!"

اُنين شيام سندر ”درد جي بزار“ مان روز روز لکيو!
ڪيترن کي نه آئنه ڏنائين!

اوهين جنماشٽمي ملهائڻ ٿا چاهيو؟ درد جي بزار مان لکڻ لئه تيار آهيو يا نه؟ غريبن دکين جا خادم ٿيڻ واسطي تيار آهيو يا نه؟ شل پنهنجا هردا ٻولو ڪريو! جنهن جنماشٽميءَ جو ڏينهن نزديڪ اچي ٿو، تنهن وڏيڪ وڏيڪ غريبن دکين، غريبن مسڪينن جا خادم ٿيو. انهن غريبن دکين ۾ پنهنجي پريتم، محبوب جي صورت ڏسو: صورت ڏسو هڪ مورت ۾؛ غريبن جي چرنن ۾ سر جهڪايو: غريبن دکين جي اکين جا ڳوڙها سڪايو!

پونا ـ ١٠   واسواڻي

شيام سندر اچي هي آواز اُٿاريو ته "مسڪينن ۾، غريبن دکين ۾ منهنجو واس، منهنجو وسترُ، منهنجي پوشاڪ پريم جي ڏسو!"

"نُور حسن نروار!"

شيام سندر آيو، شري ڪرشن آيو؛ اچي هن ڏيکاريو نُور، نُور الاهي، نُور اسراري! اچي هن ڏيکاريو ته پيار جو نُور ڇا آهي؟ اهو نُور، اسرار اچي اسان جي پريتم ڏيکاريو. باغ جو ذڪر مون ڪيو ته ڪٿي نه اچي لوڪ ڪٺا ٿيا آهن باغ ۾، اچي هن جي ڪمل چرنن ۾ ويٺا آهن: تڏهن هڪ چوي ٿو شيام کي:- "شيام! اسان کي پيغام ڏي! اسان کي سکيا ڏي!"

هڪ کهڙي سکيا ڏني ٿو؟ پنهنجو نُور الاهي مٿي کڻي نهاري ٿو. پنهنجي پيار ۾ نيڻ کڻي نهاري ٿو؛ چوي ٿو:- "بالڪي! هيڏانهن اچ!" اها بالڪي ڪير آهه؟ هڪ ويچاري غريب، دکي بالڪي: سندس اکين ۾ پاڻي: پيئي روئي. اها به آئي آهه درشن واسطي. ۽ شيام چويس ٿو:- "هيڏانهن اچ."

بالڪي اچي ٿي. پوءِ شيام سندر پنهنجي پٽ ڪپڙي سان هن نياڻيءَ جا ڳوڙها اگهي ٿو. پنهنجي هٿن سان ڳوڙها اگهي ٿو ۽ هن بالڪيءَ کي چوي ٿو:- "بالڪي! نياڻي! مان توسان آهيان! متان دلگير ٿين! مان توسان آهيان!"

”۽ هي آواز، جو هن وقت پيو مونسان آلاپ ڪري، سو ڪٿهن جو آهه؟ ۽ هيءُ دکي دنيا ڪٿي پيئي وڃي؟ پيئي ڪاڏي ڪاهي؟“ وري اُن مون کي نهاريو ۽ نهاري ڇا چيو؟ آکر کهڙا نه مٺا! جڻ ته مرليءَ جي مٺي آواز پئي ڳايو، يا دلربا، يا ستار!

*

اِنهيءَ مٺي مـن موهيندڙ، دل ڇڪيندڙ آواز مان اُکر آيا:-

”’شيام! شيام!‘ ڪري پيا مونکي نه ڪوٺين- هي اکڙيون مڇڻجون نهار! تن سان جڳ ساري جو ڪر ديدار! هي اکڙيون انيئي جڻ گل انار! جئن صورت جو سينگار! هن اکين سان نهار، ايشوري اکين سان، آتم جي نرمل، پاڪ اکين سان نهار!“

*

اَدب جا ۽ سک سهڻيءَ جا هٿڙا ٻڌي اِن صورت اڳيان ڳوڙها ڳاريم؛ پئي ڳاريم- پوندو هس نه ڪن- اِن صورت اڳيان ايهي مون چيو:-

”آهه صورت تنهنجي مستان ڪيو!
ڪن پر، ڪن پر، مون وڙان ڪيو:
تنهنجي پيار، شياما! پريشان ڪيو:
نوري نيڙي آهه فقير!“

*

ايڪتا جو اوتار

[١]

سپنو يا سچ؟

جنماشٽميءَ رات جي سانت ۾ ڪير آيو؟ منهنجي ننڍڙي نماڻي ڪمري اندر ڪير آيو؟ اچي منهنجي هستي پرسان ان نهاريو ڪيڏي نه قرب ۾، نرمل پاڪ پيار ۾!

نهاري نهاري، منهنجي اکين جا ڳوڙها سڪايا هن پياريءَ: پوءِ ننڍي نرمل آواز ۾ چيائين:- ”تنهن جي اندر جا اکر پڙا اٿم: تنهنجي روح جي پڪار! دل کولي مون سان گفتگو ڪر ته تنهنجي اندر اوليان جوت نياري، جوت منڊل جي جوت!“

مون چيو:- ”تون ڪير آهين؟ ۽ مان ڪير؟ هت ڪٿان آئين؟ مان ڪٿان آيس، هت هن دک روپي دنيا ۾؟ هي تنهنجون اکيون، جي ٻيهون مونکي نهارين ۽ نهاري نهاري منهنجي روح جي اندر گهڙي وڃن ٿيون سڪ ۾، سي اکيون ڪنهن جون آهن؟

[٢]

راجڪمار

١٤ سال هنجي عمر مس هئي تہ هنجي دل اندر شري ڪرشن لئہ عجيب امنگ اٿيو! هن جو پتا وڏو جاگيردار هو. کيس "راجا" ڪري ڪوٺيندا هئا. کيس اَکيچار ڌن دولت هئي. ميران جي ملڪ راجستان ۾ هنجو جنم ٿيو. محلات ۾ رهيا ٿي. پر هي پيارو جڏهن ڄائو، تڏهن پتا هڪ ٻيو نئون محلات هن پنهنجي پٽ واسطي ٺهرايو. سڄي شهر ۾ شادمانا ٿي ويا، ڇو تہ ڪيترن سالن کان پتا ماتا کي پٽ نہ ٿيو. جڏهن هي ٻالڪ ڄائو تڏهن آٺ ڏينهن، آٺ راتيون، سڄي نگر ۾ خوشيون ٿيون.

هن پياري کي اڪثر ڪوٺيندا هئا "راجڪمار". پر ننڍي پڻ کان هنجي دل ۾ ويراڳ ڀاو هو. گوتم ٻڌ بہ راجا جو پٽر هو: پر هنکي ٢٩ سال ۾ ويراڳ ڀاؤ آيو: پر راجڪمار کي ويراڳ آيو، جڏهن ١٤ سالن جو مس هو.

"شيام" منهنجي مستڪ تي هٿڙو رکيو: پوءِ چيو:-
"دنيا ۾ ڏکہ آهہ: بيشڪ! پر نہ ٿيءُ دلگير! اُٿار اَندر ۾ اڳير! جهنڊو کول! رہ تون راهہ ۾! نہ زندگيءَ جي ڪنڊن جو يا پٿرن جو ڪو ويچار ڪر! هلندو هل اَڳتي ۽ اَڳتي! رهندو رہ اِڪ راهہ ۾، پيار ۾ تہ منهنجي هستي، منهنجي جيون زندگي! رکہ دل ۾ سڪ سچي، محبوبن لاءِ مستيءَ ۽ نرمل، پاڪ پيار ۾ جيون آباد ڪر! آزاد ڪر!"

سپنو هو؟ يا سچ؟

* * *

جي اَمر سُونهن پسي ٿو: روز ”هري نام“ ڳائي، ”ڪيرتن“ ڪري ۽ روز ڪرشن جي ناليِ ”شيوا“ ڪري: پکين کي کارائي، ڳائين کي گاهه ڏي، غريبن دکين کي کاڌو ڏي، روز مسڪينن جي چرڻن ۾ سر جهڪائي ۽ چوي:-
”هري ڪرشن! هري ڪرشن!“

*

هن جو محلات نديءَ جي ڪناري تي هو. اِن نديءَ جو نالو هو ”پدما“. اِها ندي اَڃا آهي. هن وقت به نظارو سندر آهي! جنهن وقت پدما نديءَ ۾ چنڊ اَچي ٿو چمڪي، اُن وقت جي نظاري جو ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي.

اِڪ ڏينهن راجڪمار اِن نديءَ جي ڪناري تي ويٺو آهي ۽ نديءَ جي سُونهن ڏسي پاڻ کي چوي ٿو:-
”ڪئن نه نديءَ جو پاڻي پيو چمڪي! ۽ پاڻي ڪهڙو نه نماڻو آهي! مان به ڇو نه اِئين نماڻو ٿيان؟ ڪئن ٿيان؟ سنسار جو موه ڇڏيان. منهنجي پُوڄيه پتا کي دنيا جو ڪيترو ئي پدارٿ آهي. روپ ۽ سون، هيرا ۽ جواهر گهڻيئي آهن: ڇو نه ڦٿا ڪريان. ڇو نه پاڻيءَ وانگر نرمل نماڻو ٿيان! لوڪن جي شيوا ڪريان: اُن جو بدلو ڪجهه نه گهران: پر دين ٿي رهان، مسڪين ٿي رهان، هميشه، هميشه!“

هڪ ڏينهن ويٺو آهه پنهنجي ماستر جي چرنن ۾؛ انجو نالو هو "ڪرشنداس". بيشڪ! شري ڪرشن جو داس هو. ڪرشن داس راجڪمار کي ٻڌائي ٿو ته. "ڪئن نه ڪرشن جي صدقي ڪيترن سڀ ڪجهه ڇڏيو! ڪرشن صدقي فقير ٿيا؛ ڪرشن صدقي گهرن ۽ شهرن ۾ ڦريا؛ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪيائون ڪرشن چرنن ۾!"

راجڪمار پڇي ٿو:- "سائين! اهڙو رنگ انهن تي ڪئن چڙهيو؟"

تڏهن هي ماستر، غريب، نماڻو، پر پورن ڀڳت، چوي ٿو:- "پيارا! اِڪ ڳالهه انهن ڪئي. ڪرشن جو نام آهه 'هري نام'؛ 'هري نام' هنن ڳايو؛ 'هري نام' ۾ مگهه ٿي ويا؛ اُن اِڪ 'نام' ۾ گم ٿي ويا."

تڏهن پڇي ٿو راجڪمار:- "ڪرشن ڪير هو؟"

ماستر چويس ٿو: "پيارا! 'ڪرشن' هو 'پرم پريم جو روُپ'، 'الاهي عشق جو اوتار!'"

انهي وقت راجڪمار ٻاهران نٿو ڏيکاري؛ پر دل جي اندر چوي ٿو:- "مان به 'هري نام' ڳائيندس؛ مان به پنهنجي جيون ارپڻ ڪندس ڪرشن چرنن ۾!"

اُن ڏينهن کان وٺي راجڪمار جو ڌيان ٻن ڳالهين ۾ لڳي ٿو:- (۱) هڪ ڪرشن ڪيرتن، ۽ (۲) ٻيو "ڪرشن شيوا!" ڪرشن ۾ پرم جوت ڏسي ٿو؛ ڪرشن ۾ سائين

ڪرنيون هيون! هڪ هڪ ۾ هن پنهنجي پياري پٽ کي ڳوليو. پوءِ چيائون:- ”پيارو ڪٿي؟ ڪير پچائي ته ڪونه ويو؟“

پتا ماتا پياري جي تلاش ۾ نڪرن ٿا. سندن پٺيان ڪيترا نوڪر چاڪر: آسپاس ڪيترن کي ڊوڙائين ٿا ته ڏسن ته راجڪمار ڪٿي آهه؟ ڪنهن کي پتو ڪونهي. پتا ماتا ڏاڍو پريشان ٿيا آهن ۽ پيا پڪارين:- ”پيارا! تون ڪٿي؟“ پڪاري پڪاري پيا ڳوڙها ڳارين ۽ اڪ اڪ ڳوڙهي جو آواز:- ”پيارا! تون ڪٿي؟“

نيٺ اچي پدما نديءَ جي ڪناري تي ڏسن ٿا ته هڪ چوڪر نديءَ جي ڪناري تي پيو آهه. ماتا ڏسي چوٽي:- ”هي ته منهنجو پيارو آهه.“ ٻئي يڪدم اچي هن پالڪ جي اڳيان مٿي پيار ۾ پڪارين ٿا:- ”پيارا! پيارا!“

راجڪمار ائين ٿو: پر اچا پوري هوش ۾ ڪين آيو آهه. حڪيم اچي وڃن ٿا. نيٺ راجڪمار پنهنجون اکيون کوليون ٿو. سندس اکين ۾ عجيب نهار آهه! هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. هن راجڪمار جي اکين ۾ عجيبن جو ... اسرار پيو چمڪي. بيهوشيءَ ۾ هن کي درشن مليو آهه ان دنيا جو، جنهن ڪرشن جي بسري پيئي وڄي، جت جوت جڳي اهناسي!

اونڌيءَ مهل اوچتو ئي اوچتو هن راجڪمار کي
"درشن" ملي ٿو، عجيب درشن، جو اُنجي دل اندر
ڇپجي وڃي ٿو: ڪيس ڇڏي ئي نٿو. گهڻوئي چوي ته
"وساريان:" پر وساري نٿو سگهي. درشن ۾ ڇا ٿو
ڏسي؟ ڇا ٿو ٻڌي؟ دل جي اندر ڏسي ٿو ته شري
ڪرشن پڌاريو آهي ۽ ڪيس نهاري چوي ٿو:- "راجڪمار
پيارا! منهنجا ٻالڪ پيارا! مون وٽ آءُ! دنيا ۾ ڏک
اٿيئي: سنسار اٿيئي ڳوڙهن جي ندي! پيارا! هي
سنسار تو لاءِ ڪونهي. اَچ تون، راجڪمار! منهنجو ٻالڪ
آهين! اچي منهنجي چرڻن ۾ نواس ڪر! مونکان پري
سک ڪين اٿيئي!"

اهي اکر راجڪمار ٻڌي ٿو: اَچي روئڻ ۾ ڇڏڪي
ٿو. پيو ڳوڙها ڳاري. پدما ندي سڀاڳي، جنهن ۾ هن
نرمل ٻالڪ جا وڃي ڳوڙها ڪريا! ساندهه ڪلاڪ راجڪمار
پئي رنو. پوءِ ڪري پيو: بيهوش ٿي ويو.

ڪي ڪلاڪ گذري ويا. هي پدما نديءَ جي
ڪناري تي پيو هو. ڪلاڪ گذري ويا پر هي ڪونه
موٽيو. پتا ماتا جا پران هئا هن هڪ پٽ ۾: سڪيلڌو
پٽ هو. پتا چوندو هو ته "ڪروڙ ڪمايان ٿو هن پياري
واسطي!" پر هن وقت راجڪمار ڪنهن به ڪوٺيءَ ۾
ڏسڻ نه آيو. پتا ماتا منتظر ٿيا. محلات ۾ ڪيترين نه

جيڪر ٻڌايو ته هن دوا ۾ ڇا ٻيل آهي ته ٻوءِ مان پيئان؟"

پتا چويس ٿو:- "منهنجا ٻالڪ! هن دوا ۾ اهڙي شيءِ پيل آهي، جا ڪدم توکي هوش ۾ آڻيندي ۽ طاقت ڏيندي-"

راجڪمار پڇي ٿو:- "ڇا مان ٿيي آهه هيءَ دوا؟"

پتا چوي ٿو:- "هيءَ دوا لومڙ جي گوشت مان ٿيي آهه- ٻڌا ڏيو تون پيءُ ته هوش ۾ اچين ۽ وري ڪڏهن وقت به بيهوشيءَ ۾ نه وڃين!"

راجڪمار هٿ ٻڌي چوي ٿو:- "پوڄيه پتا! اوهان جي وڏي ڪرپا آهه- مان معافي طلب آهيان- ڪڏهن به جانور کي ماراني، ان جي گوشت مان دوا ٺهرائي، مان پيئان، سا ڳالهه منهنجو اندر وارو نٿو قبولي- بهتر ته مان مري وڃان! اهڙو موت مون کي ملي ته مبارڪ!"

انهيءَ حالت هيٺ پتا وري ٻيون دوائون ٺهرائي ٿو، راجڪمار کي ڏئي ٿو: پر ڪنهنجو به اثر نٿو ٿئي- راجڪمار کي ته درشن وري اچي ٿو ۽ اندر ۾ آواز پيو چويس:- "پيارا! پيارا! اچي وڃ مون وٽ! منهنجا ٻالڪ! تون منهنجو آهين: تون منهنجو ٿيءُ!"

راجڪمار چوي ٿو:- ”مهلاس منهنجي لئه ڪونهي- مان شل ڦاٻو رهان ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾!“

هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ۽ وري بيهوشيءَ ۾ ڪري پوي ٿو. ٿوري وقت کان پوءِ وري اٿي ٿو، جاڳي ٿو، پڪاري ٿو:- ”شيام! شيام! منهنجي جيون جا وشرام! مون کي نه ڇڏ جانءِ! سڀ ڪجهه ارپڻ مون ڪيو آهه تنهنجي ڪمل قدمن ۾! مهر ڪجانءِ، قبول ڪجانءِ مون کي پنهنجي نرمل شيوا ۾!“

جڏهن راجڪمار هينئر جاڳيو آهه، تڏهن عجيب روشنيءَ ۾ پيو چمڪي. آسمان ۾ سڀ کي روشني ۽ سونهن آهه: ان سڀ کان به وڌيڪ راجڪمار پيو چمڪي. سندس پتا هڪ هوشيار حڪيم گهرائي ٿو. ان کي چوي ٿو:- ”خرچ جو خيال نه ڪج. جيڪي دوائون وٺڻي، سي تيار ڪر. جيترو وٺڻي اوترو خرچ ڪر: پر منهنجي پياري کي ڇٽاءِ!“

حڪيم دوا تيار ڪري ٿو، اها دوا کڻي پنهنجي پٽ وٽ اچي ٿو ۽ چويس ٿو:- ”راجڪمار! هن وڏي حڪيم هوشيار هيءَ دوا خاص تو لئه ٺاهي آهي. اها جي پين ته وري بيهوشيءَ ۾ ڪين ويندين.“

تڏهن راجڪمار ادب جا هٿ ٻڌي چوي ٿو:- ”توهين مون تي ڪيڏو نه مهربان آهيو! مون کي

درشن مليو، ان ڏينهن کان وٺي راجڪمار وري وري پيو پڪاري:- "شيام! شيام! شيام! هي ڪرشن! هي ڪرشن!"

ماتا پتا کي چنتا آهه ۽ چاهين ٿا ته پل راجڪمار ٻئي ڪنهن نگر ۾ وڃي ته سندس من چت ٻئي پاسي لڳي. جڏهن شاهوڪار زميندار ڪوٺ ڪري ٿو، تڏهن راجڪمار کي چون ٿا ته "تون وڃڻ چاهين، ته پل وڃ!"

راجڪمار چوي ٿو:- "بيشڪ!"

هيئنئر سندس پتا ١٢ گهوڙيسوار تيار ڪري ٿو ۽ تن کي چوي ٿو:- "اوهان کي خبر آهه ته اسين پنهنجي پٽ کي ڪيڏو نه پيار ڪريون ٿا! سڪيلڌو پٽ آهه. سندس من ۾ هن وقت ويراڳ جو ڀاو آهه. شاهوڪار جاگيردار ڪوٺ ڪئي آهه. توهين جيڪر منهنجي پٽ کي اتي پهچايو."

خط لکي گهوڙيسوارن کي ڏئي ٿو ته "منهنجي دوست کي ڏجو ۽ جيترو وقت راجڪمار اتي رهڻ چاهي اتي رهجو ۽ سندس خدمت ڪجو ۽ جڏهن موٽڻ چاهي، تڏهن پياري سان گڏ هت موٽي اچجو."

هيئنئر راجڪمار ۽ گهوڙيسوار ٻئي نڪرن ٿا. راجڪمار جي دل اندر هڪ پڪار آهه: پيو چوي:- "منهنجي

جڏهن اِهي اکر پيو پڙهي، تڏهن روئڻ ۾ پيو ڇڙڪي- سندس دل وڃي غمگين ٿيندي- هيئنر ڪيترو وقت اڪيلائيءَ ۾ گذاري ته پيو چوي:- "شيام! شيام! مون کي پنهنجو ٻالڪ ڪر: پنهنجي ڪمل چرڻن ۾ رک تون! مون کي ڪڏهن آزاد ڪندين ته مان تنهنجي پيارن جي سنگ ۾ رهان، محلات ڇڏيان؟ هيءَ دنيا مون واسطي ڪونهي- شيام پيارا! منهنجي دل نه لڳي آهه توسان، اڪ توسان!"

*

تن ڏينهن ۾ هڪ شاهوڪار زميندار هو، اُنهي جنم ڀُومي بينگال ۾ هئي- اُنهي رهڻ جو آستان هو "ڏؤر"- ڏؤر بينگال جي گادي هئي- راجڪمار جو پتا ۽ شاهوڪار جاگيردار، ٻئي دوست هئا- راجڪمار جي پتا کي هي شاهوڪار ڪرت ڪري ته "مون کي ڏاڍي پياس آهه ته مان توهان جو درشن ڪريان- ڪي ڏينهن جيڪر ڏؤر ۾ اچي گهاريو- مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي، جيڪڏهين توهين ۽ توهان جي استري ۽ ٻالڪ، ٽيئي اچو ۽ اچي مون وٽ رهو ۽ آسيس ڏيو!"

راجمار جو پتا ۽ ماتا پنهنجو نگر ڇڏي نٿي سگهيا- پنهنجي پٽ کي پاڻ وٽ ڪوٺي پتا چويس ته:- "پيارا! تون ڏؤر وڃڻ چاهين ته اسين خوش ٿينداسين-"

پتا ماتا کي پٽ جي ڏاڍي چنتا آهه- جنهن ڏينهن ڪان وٺي هن پٽ کي پدما نديءَ جي ڪناري تي

راجڪمار ڏسي ٿو ته سندس پيرن ۾ لڦون آهن. ايترو پنڌ ڪيو اٿس، ايترو ڊوڙيو آهي، جو وڌيڪ پنڌ ڪري نٿو سگهي. نزديڪ هڪ وڻ آهي، جت پيارو راجڪمار وڃي وشرام پاتي ٿو. پر ڏيهن ساندهه ان وڻ هيٺ گذاري ٿو. کيس کائڻ واسطي ڪجهه ڪونهي. وڻ هيٺ ويهي راجڪمار چوي ٿو:- "شيام! پيارا شيام! تو مونکي سڏيو. جنهنکي سڏين، تنهنکي ڪين ڇڏين! منهنجي اوت، اڃ، آسرو تون آهين!"

ٽيين ڏيهن راجڪمار کي وري درشن اچي ٿو. ان درشن ۾ هنجي دل ٺڏي ٿي. درشن ۾ ڏسي ٿو:- "منهنجي سامهون هڪ سونهن وارو بالڪ بيٺو آهي." ۽ جڏهن ان صورت ڏي نهاري ٿو وري، تڏهن پروڙ پائي ٿو ته هي سهڻو بالڪ 'شيام' آهي- "شيام! شيام! شيام!" انين چئي وڃي اُن اڳيان سر جهڪائي ٿو ۽ ڪري پوي ٿو. ان سهڻي تصوير منجهان هڪ آواز اچي ٿو: مٺو آواز، مرليءَ جي گيت جو آواز: اهو آواز کيس چوي ٿو:- "راجڪمار پيارا! راجڪمار سونهارا! تنهنجي پيرن ۾ لڦون آهن: تون ڏايو ٿڪل آهين. منهنجا بالڪ! تون مونکي پيو ڳولين: دنيا کي تو ڇڏيو ڪيو: تنهنڪري مان توکي ڇڏو ڪين ڪندس. هي اُنيئي ڪير جو پيالو: پيارا! تون آهين نيڻهن ۾ نرالو! هي کير پيءُ ته توکي وري طاقت اچي!"

دل غمگين آهي. سنسار جي مزن ۾ منهنجي دل ڪونهي. منهنجي دل ته لڳي آهي شيام سان! مان جيڪر شيام جي شش سان جيڪر گڏ گذاريان! سو ڪٿي ٿئي؟ مان جيڪر هتان ڀڄي نڪران. هيءَ دنيا منهنجي لاءِ ناهي. ڀڄڻ کانسواءِ آزادي ڪونهي."

"هڪ ڏينهن راجڪمار ۽ گهوڙيسوار ٻيلي منجهان لنگهن ٿا. اُن وقت راجڪمار ٻاڻ کي چيو ته:- "هينئر اوندهه آهي: ڀڄڻو هجيئي ته هينئر ڀڄ." گهوڙيسوار ٿڪل ٽٽل ٿي سمهيا آهن. راجڪمار ٻاڻ کي چيو ته:- "هي وجهه آهي!"

ٻوءِ ٿڪي ڪري ٿو هم، ٿڪي ٽم- ڀڄي ٿو. ڏاڍو ٿڪڙو ڊوڙي ٿو. گؤر نگر جي جڳهه مان ڊوڙي ڊوڙي اَچي ٿو پهچي اِڪ ٻئي نگر ۾، جو بنارس جي نزديڪ آهي. اُن نگر جو نالو آهي "راجگهاٽ." ڏاڍو خوش ٿئي ٿو.

جڏهن خبر پوي ٿي ته راجڪار گم آهي، تڏهن هن جي پنهيان گهوڙيسوار جدا جدا هندن وڃن ٿا ڪيس پڪڙڻ واسطي: پر ڪين کهڙي خبر ته راجڪمار ڪٿي آهي؟

راجڪمار راجگهاٽ پهچي چوي ٿو:- "هي ڪرشن! تون رڪپال آهين! شڪرانا، تنهنجا لک شڪرانا!" پر

راجڪمار وري پيو پڪاري:- ”ڪرشن! ڪرشن! شيام! شيام!“ واپارين کي نٿو پتائي ته پاڻ ڪير آهه- ڪروڙپتيءَ جو پٽ! واپاري سمجهن ٿا ته هي هڪ غريب ڪرشن ڀڳت آهه. راجڪمار کي چون ٿا:- ”بيشڪ، اسان سان هل.“

اچي متڙا پهچن ٿا- اُتي راجڪمار هنن واپارين کان موڪلائي ٿو. پوءِ هلي ٿو برندابن، اڪيلو- برندابن پهچڻ وقت ڪيڏو نه گد گد ٿئي ٿو! برندابن جي خاڪ چمي ٿو ۽ خوشيءَ ۾ پڪاري ٿو:- ”برندابن پوڄي! شيام پوڄي! مان سڀاڳو! مان سڀاڳو!“

برندابن ۾ ڪنهن کي نٿو چوي ته مان ڪير آهيان؟ ڪنهن کي نٿو پتائي ته منهنجو پتا ڪروڙپتي آهه- برندابن ۾ راجڪمار جي زندگي عجيب آهه- ڪٿي کائي؟ ڪٿي پيئي؟ ڪٿي رهي؟ برندابن ۾ هڪ مندر آهه- ان مندر ۾ روز سداورت هلي ٿو؛ مفت ماني ملي ٿي. ان مندر ۾ رهي ٿو. چانور ۽ هڪ پاڄي کائي ٿو. هي ڪروڙپتيءَ جو پٽ، جو محلات ۾ نپنيو، جنهن کي الائي ڪيترا نوڪر چاڪر هئا شيوا واسطي، مندر ۾ زمين تي سمهي ٿو ۽ چانور ۽ ٿوري پاڄيءَ تي گذران ڪري ٿو ۽ کائي ٿو چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ دفعو! راجڪمار سڀاڳو!

* * *

راجڪمار ڪير پيٽي ٿو. سمجهي ٿو تہ، نئين طاقت آئي آهي. وري وڃي وڻن هيٺ ڌيان ۾ وهي ٿو. ڌيان مان ٻاهر اچي ٿو، اکيون کولي ٿو، پڪاري ٿو:- "ڪرشن! ڪرشن!"

عجب ڳالهہ آهي، پر سچي ڳالهہ آهي. ٿورن منٽن ۾ راجڪمار ڏسي ٿو تہ سندس اڳيان پنج ماڻهو اچي بيٺا آهن. راجڪمار پڇي ٿو:- "توهين ڪير آهيو؟"

هو چون ٿا:- "اسين پنج واپاري سوداگر آهيون. الله آباد مان نڪتا آهيون، وڃون ٿا مترا؛ پر تون ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين؟"

راجڪمار چوي ٿو:- "مان هڪ ڇوڪر آهيان پيو رلان، پيو ڀٽڪان، هڪ پياس ۾! منهنجي دل اندر پياس آهي شيام واسطي! اوهين وڃو ٿا مترا؛ مان اوهان سان گڏ هلان، اوهين ڪيستائين هلندا؟"

تڏهن واپاري چون ٿا تہ "مترا کان مٿي اسانجو ڪم ڪونهي. پر تون ٻڌاءِ تہ ڪيستائين هلندين؟"

راجڪمار چوي ٿو:- "مان ويندس برندابن."

واپاري پڇنس ٿا:- "اتي ڇو ٿو وڃين؟"

راجڪمار چوي ٿو: "پياس اٿم تہ ڪرشن جي شيوا ڪريان. برندابن وڃان ٿو، اُتي وڃي پنهنجي پريتم جي خدمت ڪريان."

چون ٿا ته هن ڪرشن ڀڳت جو جنم شري ڪرشن کان ٤٣ ڏينهن پوءِ ٿيو. هن سنت بابت گهڻيئي عجيب ڳالهيون شاسترن ۾ لکيل آهن.

ننڍپڻ کان وٺي هن جا مائٽ چوندا هئا:- "هي هڪ عجيب بالڪ آهه!" سمجهندا هئا هي بالڪ اَسان وٽ آيو آهه؛ الائي ڇو آيو آهه؟ اسين ته هن جا لائق نه آهيون. وڌيڪ سمجهندا هئا ته هي بالڪ اَسان سڀن جو روحاني مهندار آهه.

١٦ سال گذري ويا: هن بالڪ کي سندس مائٽ به سمجهي ڪين سگهيا. گهڻو وقت سانت ۾ رهندو هو. سندس پتا ماتا ڪيترا دفعا سندس اڳيان اچي سانت ۾ ويهندا هئا ۽ ڪمل مکڙي ڏي نهار ڏيندا هئا؛ سمجهندا هئا ته هي بالڪ دل ۾ پيو چوي ته "هي ڪرشن! تو کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو نه درشن ڪريان ۽ تو کان سواءِ ٻيو ڪير آهه، جنهن سان تو بابت ذڪر ڪريان؟"

هي سنت ڄڻ ته ڄائي ڄم کان سنت هو ۽ ننڍپڻ ۾ ئي ڪيس ڪرشن واسطي عجيب ڀڳتي پيدا ٿي. ڪيترا دفعا ڳائين کي ڏسندو هو ته چوندو هو:- "ڪرشن! ڪرشن!" ڳائيون چرڻ وينديون هيون ته تن جي پٺيان ڊوڙون پائيندو هو ۽ پيو چوندو هو:- "ڪرشن! ڪرشن!" وري ڪيترا دفعا ميهن جي مدد ۾

[٣]

نام آلوار

هندستان جي ڏکڻ طرف مدراس پاسي شري ڪرشن جا عجيب ڀڳت ٿي ويا آهن؛ تن کي چوندا هئا ”آلوار.“ اهي سچا سنت هئا. لوڪن کان اڪثر پاڻ کي لڪائيندا هئا. وشنوءَ جا پوڄاري هئا ۽ وشنوءَ جي ٻن اوتارن- شري رام ۽ شري ڪرشن- جا ڀڳت هئا. ٻنهي سندن دلين اندر سڀني سنتن ۽ ڀڳتن واسطي پيار هو. گيتا جي سکيا سندن دل اندر گهڙي ويئي ۽ اڪثر چوندا هئا:- ”درشن پايو دل اندر! نڪي سمجهو ته اهي اوتار سنسار ۾ ڪونهن. ماڻهن ۾ ۽ جانورن ۾، پکين ۾ ۽ پسن ۾ تارن ۾ ۽ قدرت جي نظارن ۾، اهو اِڪ آهه. سڀني اڳيان سر جهڪايو!“

انهن سنتن مان اِڪ سنت هو، جنهن جو زور ”نام“ تي ڏايو هو. هن کي ڪوٺيندا هئا ”نام آلوار“ يعني ”نام جو سنت.“ قدرت لاءِ هن کي عجيب پيار هو.

پر سو پاڻي، جو تنهنجو ڌيان ڌري!
سچن جي دل ۾ تون،
سرشٽيءَ جو گل ۾ تون!
سڀ ٿي لوڪي پاڻين،
جي اڪ لوڪي ٿي ڌيانئين!
رهن تنهنجي ٿي شرط ۾:
ڪن نواس ڪمل چرڻن ۾!"

بيشڪ! هي اڪ وڏو شاعر ٿيو ۽ گهڻو وقت ماڻهن کان اَلڳ رهيو. ٿوري ئي وقت ۾ هن ڪرشن ڀڳت جو نالو ڪيترن هندن پکڙجي ويو. سندس گيت سندر، مٺا هئا. سندس جيون سادگيءَ ۾ هئي. عيش عشرت کان پري رهيو. پر جنهن ڳالهه جو ماڻهن تي گهڻو اثر ٿيو، سا هئي سندس زندگي. سندس ڪيترا شش چوڻ لڳا:- ”هي سنتن جو شرومڻي آهه.“

هن سنت کي پسن پکين لاءِ عجيب پيار هو. کيس هڪ ڪتو هو، جو روز منجهند جو وٽس ايندو هو ۽ آسيس وٺندو هو، کائيندو هو، پوءِ موٽي ويندو هو. هڪ ڏينهن هي پيارو ڪتو پوري وقت تي ڪين موٽيو: تنهن تي هي سنت پنڌ ڪري ويو، وڃي نديءَ جي ڪناري تي پهتو ان خيال سان ته دريافت ڪريان ته ڪتو نديءَ ۾ ته ڪين ٻڏي ويو. اتي کيس خبر پيئي

آسمان ڏي، ڪرن ڏي نهاريندو هو ۽ وري ٻه ساڳيا اکر چوندو هو:- "ڪرشن! ڪرشن!" سمنڊ جي لهرن ۾، ندين جي اٿلءِ ۾، پهاڙن تي، تارن ۾، پکين ۾، گانين ۾، هو پيارو ڪرشن جو درشن ڪندو هو. سڀاڳو!

سندس نوراني گيت ڇپيا آهن. گهڻا ته ڪم ٿي ويا آهن. پنهنجي ٻوليءَ ۾ هڪ ننڍي مٺڙي گيت ۾ هن طرح لکي ٿو. ان گيت جو ترجمو مان توون سنڌي اکرن ۾ هن طرح ڏيان ٿو:-

"پريتم! منهنجي آتما جي اک تون!
منهنجي جيون جو سچو سک تون!
جواهر وانگر پيو تون چمڪين!
ڪڏن ته وري پيو تون مشڪين!
وشنو تون يا توکي ڪوٺين شو برهما،
پرمون لئه اڪ تون ئي تون، اڪ نام ئي ناما!
ناهين تون قدرت ساري:
آهي تنهنجي ريت پريت ۾ نياري!
سڀن ڌرمن جو سار تون،
اڪ اڪ ڌرم ۾ اسرار تون!
نه ٻجهي سگهي توکي ويچار يا ٻاڻي،
تنهنجو رنگ تنهنجي ريت روحاني!
اندرين ۽ من جي پهچ کان پري،

[٤]

ڪر چاڪر پنهنجي چرنن جو!

اِڪ ڀڳت ٿي گذريو آهي. اُن ڀڳت جو نالو "رس خان". رس خان جو نالو اُتر پرديس (U.P.) طرف مشهور آهه.

اِڪ مسلم گهر ۾ رس خان جو جنم ٿيو. هن پياري هنديِ ٻوليءَ جو عجيب اَڀياس ڪيو! هنديءَ ۾، پارسيءَ ۾ ۽ اُردوءَ ۾ هوشيار هو. پر عجيب ڳالهه هيءَ ته سڀني ۾ مٺا گيت هنديءَ ۾ هن پياري جا لکيل آهن. هن جي هندي ڏاڍي مٺي آهه.

هن جو اَصلوڪي نالو ڪهڙو هو؟ ڪنهن کي هن وقت خبر ڪانهي. هن کي ڪوٺيون ٿا "رس خان". شايد اِهو نالو پاڻ ئي رکايائين، ڇو ته شري ڪرشن جي ڌيان ۾، پيار ۾، محبت ۾، هي مست ٿي ويو. ڏينهن رات، رات ڏينهن، هڪ ويچار ۾، هڪ ڌيان ۾- شيام!

ته ڪٿي ونس وڃڻ لاءِ روانو ٿيو هو. اُتي پنڌ ڪيائين ته
وات تي وڏي برسات پيئي ۽ ڪٿي پڌي ويو. هن سنت
کي ڏاڍو ڏک ٿيو جڏهن ته ڪو سنڌس ويجهو مائٽ گذري
ويو آهي، بيشڪ! سنت جي هڪ نشاني آهي "دَيا"،
غريبن دکين تي دَيا، پسن پکين تي دَيا.

شاعرن کي هي وڏي وڏي هيءَ سکيا ڏيندو هو ته
"اوهين دنيوي شاهوڪارن جي خوشامدي نه ڪريو.
گيت ڳايو، گيت لکو اِڪ سائينءَ واسطي." هن سنت
پڪو ارادو ڪيو ته "مان جيڪي به گيت لکندس،
سي اِڪ پريوءَ، اِڪ ڪرشن جي ساراهه ۾. پدي جي
ساک ڪرڻ ۾ مان هڪ اکر به نه لکندس. نڪي ڌن
دولت، نڪي سنڌس مانَ شانَ جو ذڪر مان پنهنجن
گيتن ۾ ڪندس. پنهنجي سموري شڪتي مان خرچ
ڪندس اِڪ نام جي ساک ۾!"

هي پيارو وڃي، اُن آستان تي پهتو آهه. ۽ دروازي تي بيهي پڪاري ٿو-

"ڇو آيو آهين؟" پڇنس ٿا. "تنهنجي پوشاڪ مسلمان جي: هت تون ڇو آيو آهين؟ ڇا جي واسطي؟"

تڏهن هي چوي ٿو:- "مان آيو آهيان، ڇو ته منهنجي دل اندر اُڪير آهه شري ڪرشن لاءِ!"

تڏهن اُن مندر جو پانڊو چويس ٿو:- "هليو وڃ، تون هليو وڃ! تون مسلمان آهين: توکي درشن ملندو ڪين!"

هي پيارو زارون زار روئي ٿو. چوي ٿو:- "شيام سڀني جو آهي،- هندن جو شيام، مسلمانن جو شيام، سڀني ڌرمن جو شيام، سڀني قومن جو شيام، سڀني ملڪن جو شيام، سڀني دلين جو شيام: منهنجي دل اندر آهه اُڪير شيام واسطي. مان درشن ڪرڻ آيو آهيان."

پانڊو چويس ٿو:- "هليو وڃ." ويچارو ڇا ڪري؟ "هليو وڃ- تون هندو ڪين. هليو وڃ."

ويچارو زارون زار روئي ٿو. اُن آستان تان وس خان ڪي زوريءَ ڪڍي ٿا ڇڏينس. ويچارو نڪري وڃي ٿو: پر پري نٿو وڃي. ڌُڪي ڪڍنس ٿا ٻاهر: اُهو ڌرنو ماري ويهي ٿو. کائي نٿو، پيئي نٿو- پر سڄو وقت وينو آهه ۽ نينهن ڀرئل نيڻن سان نهاري پيو ور ور پڪاري:- "شيام! شيام! شيام!"

شيام! شيام! وقت ٻوقت اُچي سندس عجيب پيار گيتن جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو هو. ڏسو، هن جو روح ڪيئن ٿـو ڪلي؟ هڪ ڏينهن شري ڪرشن جو نالو ٻڌي ٿـو: نالي ٻڌڻ سان هن جي دل اندر عجيب پيار جاڳي ٿو. "شيام! شيام!" نالو ٻڌي ٿو. خبر ڪانه اٿس ته شيام ڪير آهه؟ پر هيءَ خبر اٿس ته شيام لاءِ سندس دل اندر عجيب پيار، محبت آهه!

هن پياري جـي اندر سڪ وڃي وڌندي. هڪ هڪ ڀڳت جي نشاني آهه سڪ. نه وديا، نه وڏائي، نه سنسار جو مان شان: پر دل جي اندر سڪ، اڪير- اها اٿـو اِڪ ضروري نشاني هڪ ڀـڳت جي- ۽ رس خان جي اندر سڪ وڃي وڌندي.

ٻڌي ٿو ته نزديڪ اِڪ نـگر آهه، اُن ۾ شيام سندر جي سندر تصوير آهه- چوي ٿو:- "جيڪر مان پنهنجي پياري جو چتر وڃي ڏسان."

نڪري ٿو- مسافري ڪري ٿو- ڪن ڏينهن ۾ مسافري ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. هي پيارو مسافري ڪري ڪري اچي اُن نـگر ۾ پهچي ٿو- ڏاڍي اڪير دل جي اندر:- "شيام! منهنجا شيام! ڪڏهن درشن ڏيندين؟ ڪڏهن؟ ڪڏهن؟" اکين مان پاڻي پيو وهيس. جيڪو بہ هن ڏي نهاري، سو پيو چوي:- "هن ماڻهوءَ کي عجيب عشق، عجيب پيار آهه شيام واسطي!"

بيشڪ! شري ڪرشن وڏن سان ڪونهي. جن کي عهدو اقبال آهي، تن سان ڪونهي. پر پريو آهي اُنهن سان، جي نديا آهن، نماڻا آهن! جي پنهنجي جيون هن وچار ۾ بتن ٿا ته "پريو! اَچي مل تون اَسان سان!" جي ڪرنين پريوءَ کي، تن سان پريو آهي. اُن وقت ڪيڏي نه خوشي رس خان کي ٿئي ٿي!

اُن وقت ڪانپوءِ رس خان جو ڪنٺ چڪر کلي ٿو ۽ گيت لکي ٿو. ڪهڙا نه مٺا گيت رس خان کي لکي ٿو! مٺا گيت، سچا گيت! دل جي مند ۾ منجهان نڪي ٿو اهي گيت! رس خان جا ڪي گيت ڇپيا ويا آهن. هن پڳت جي ٻاڻي مٺي آهي. ان ٻاڻيءَ مان فقط هڪ ٽڪ مان اوهان کي ٻڌايان ٿو ته توهان کي خبر پوي ته هي ڪيڏي منزل جو هو! هي پريوءَ جو پيارو، شيام جو پيارو، هڪ هنڌ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ ڪهڙا نه مٺا اکر چوي ٿو! اهي اکر مون سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. ڇا ٿو چوي؟

"اَٺ سِڌيون، نَوَ نِڌيون."

سڌيون اَٺ، نِڌيون معنيٰ خزانا ۹، سي ڪهڙا آهن؟ ۸ سڌيون ڪهڙيون آهن؟ تن جو وچار هن وقت ڪندس ڪين. ڪافي آهي ته سمجهو ته هي وڏيون طاقتون آهن. ۸ سڌيون جن کي آهن، تن کي

اَسين جيڪر دلين اندر هن ڀڳت جي پڪار رکون:- ”شيام! شيام! شيام!“ شل منهنجي دل پڪارڻ سکي، شل اوهان جون دليون پڪارڻ سکن:- ”شيام! شيام! شيام!“ شل پڪاريون ۽ پياري جي اچڻ لاءِ نهاريون!

رس خان ڀڳت آهي: پر هن ڀڳت جو وچار پانڊو نٿو ڪري. پريو ڏسي ٿو ڀڳتي. گيتا ۾ شري ڪرشن چوي ٿو:- ”هي ارجن! ڪوبه هجي، ڪهڙيءَ به حالت ۾ هجي: جي هن کي ڀڳتي آهه ته اهو منهنجي چرڻن ۾ قبول آهه.“ اهي مٺا ڀڳتيءَ جا سوُر، شلوڪ، اسين پڙهندا آهيون. ڌرم آهه ڀڳتي، ڌرم آهه پيار، محبت، ڌرم آهه اندر جي اڪير! پر پانڊو سمجهي نٿو. رس خان کي چوي ٿو:- ”تون مسلمان آهين: توکي اندر اچڻ ڪين ڏبو.“ مندر کان ٻاهر زوريءَ هن کي گهلي وڃن ٿا. پر هي پيارو، جت ڪيس اڇلائين ٿا، اتي ويٺو آهه. اتان پري نٿو وڃي.

زارون زار روئي ٿو. ماني نٿو کائي. ۽ انهين ڳالهه چٽي وڃي ٿي ته ڪن ڏينهن جي روُئڻ کان پوءِ، اپواس کان پوءِ رس خان کي درشن ملي ٿو.- شيام جو درشن، شري ڪرشن جو درشن!

لن درشن ۾ ڪهڙا اکر ٻڌي ٿو؟ شري ڪرشن رس خان کي چوي ٿو:- ”پيارا! نه ٿي دلگير: مان ته آهيان تو سان!“

جي نوڪري، شيام جي خدمت! ڪهڙي خدمت؟
شيام رکي پنهنجي در تي نوڪر ڪري ۽ چوي:-
”پيارا! گانئون چار! گانئون چار!“

هنن ڏينهن ۾ وري وري ڏينهن جو ۽ رات جو مان
پيو پڪاريان: دل جي اندر وري وري پيو چوان:-
”شيام! رک مون کي پنهنجو چاڪر ڪري پنهنجي
چرنن ۾!“

طاقتون آهن. ٩ خزانا جن کي مليا آهن، سي نه ڀريوءِ جا پيارا!

"اَٺ سـِدِّيُـون نَـوَ نـِدِّيُـون،
سو سکه سارو مان سهج ڀرايان!"

رس خان چوي ٿو:- "اَٺن سدين ۽ نون ندين جو خزانو سڀ مون کي ملي، جلدي جلدي، تڪليف ڀنان-" سدين ۽ ندين وٺڻ واسطي ماڻهو ڪيڏيون نه تپشيائون ڪندا آهن! ڪيترا سال خرچ ڪن- ساڌنائن ۾ جنم گذارين. پر رس خان چوي ٿو:- "مون کي اهي اَٺ سديون ۽ نو نديون جلدي ملي ويون: اِڪ شرط تي:" سو شرط ڪهڙو؟

"هڪ وار جي نرمل نند گوپال جون
گانيون گوڪل گانوَ ۾ چرايان!"

جيڪڏهن مون کي اهو ڪم ملي ته مان گوڪل گانوَ ۾ وڃي پنهنجي شري ڪرشن جون گانيون چاريان، ته اهي سڀ طاقتون مونکي سهج ملي ويون.

"رس خان کهي اِڪ وار اکين سين جيڪر جيڪر
هڪ شيام ني شيام نهاريان!

رس خان چوي ٿو:- "شيام درشن پايان: اِڪ وار شيام جو درشن نيڻن ۾ پايان: مهنجا ڪيڏا نه ڀاڳ! اهي ڀاڳ ڪلن، جيڪڏهن مونکي هڪ ڪم ملي، شيام

اَن ٻهرام خان کي هڪ پٽ هو، جنهن جو پيار شري ڪرشن سان اَلائي ڪئن ٿيو! مسلمان گهر ۾ هن پٽ جو جنم ٿيو. هن کي عجيب پياس شري ڪرشن واسطي. شري ڪرشن جي ڳالهه ڪندو هو ته، اَکين ۾ پاڻي پيو ايندو هوس. ڳوڙها ڳاڙيندو هو. چوندو هو:- "مون تي ڏاڍي ڪرپا ٿي، جو ڪرشن مون کي ڇڪيو- ڇو ڇڪيائين؟ مون کي خبر ڪانهي." شري ڪرشن جو نالو ٻڌندو هو، ڏاڍو خوش ٿيندو هو، گدگد ٿيندو هو. چوندو هو:- "مون تي فضل ٿيو آهه، ڏاڍو رحم ٿيو آهه." پاڻ کي "رحمان" ڪوٺائڻ لڳو. چيائين:- "رحمان، رحيم جي مهر مون تي ٿي: مان شل اُن جو لائق ٿيان!"

روز روز ڇا ڪري؟ دان ۾ ڏي: ڪرشن اَرپڻ! شاهوڪار هو بيشڪ! سندس پتا شاهوڪار هو. پر ڪيترا شاهوڪار آهن، جن کي پئسو آهه، پر ڏان ڪين- هي روز ڏيندو هو. غريبن دکين کي روز کارائي، تن کي روز پئسا ڏي، ڪپڙو ڏئي- هن جي عجيب زندگي!

مان ته هن جو وچار ڪريان ٿو، مون کي يادگيري پوي راجا جنڪ جي- راجا جنڪ به، ڪئن نه، غريبن دکين کي کارائيندو هو، ڪپڙا ڏيندو هو!

[۵]

ڀڳت رحيم خان

مون هڪ ڀڳت جو وچار وري ڪيو آهي، جنهن جو نالو اوهان شايد نه ٻڌو آهي: پر هن جي جيون ۾ ڪرشن گهڙي ويو. هن جي جيون ڪرشن ڌيان نئين ڪري ڇڏي. وڏي آکهه جو هو: وڏي ڪل جو هو.

مان وري وچار ڪندو آهيان اڪبر بادشاه جو، جو سنڌ ۾ ڄائو. سندس جنم عمرڪوٽ ۾ ٿيو: پوءِ سڄي هندستان جو بادشاه ٿيو. عجيب انسان هو! هن کي گهڻي مدد راجنيتي ڪم ۾ هڪ ماڻهوءَ جي هئي، جو به عجيب انسان هو: جنهن کي ڪوٺين "بهرام خان". بهرام خان کي ڪجهه وقت اڪبر پنهنجي پتا وانگر ڪري سمجهندو هو. اڪبر عمر ۾ ننڍو هو. بهرام خان هن جي سنڀال ڪندو هو، هن جي راج جي سنڀال لهندو هو.

خبر ناهي ڪهڙي روپ ۾ توکي نارائڻ ملي- ائين نه ته فقط وڏن ماڻهن سان يا شاهوڪارن سان ملين: خبر ناهي ته نارائڻ ڪهڙي روپ ۾ اچي؟ ڪو پاپي، اپراڌي، ڪو گنهگار، بدڪار، ڪو غريب، مسڪين: الائي ڪهڙو روپ ڌاري اچي! نمهڪري سڀن اڳيان سر جهڪاء! سڀن سان ڳالهاءِ ٻولهاءِ، رل مل سڀن جي شيوا ڪر، خدمت ڪر!

* * *

هن پياري کي عجيب ڀڳتي هئي! هي چوندو هو:- ”ڀڳت جون ٻه نشانيون آهن.“ سي ڪهڙيون؟

(١) پهرين نشاني: ڀڳوان پياري جو نام اچاري- ”ڪرشن“، ”ڪرشن“ وري وري چوندو هو ۽ گدگد ٿيندو هو.

(٢) ٻي نشاني ڀڳت جي آهي دکين غريبن جي سيوا. ڀڳوان پياري جي صدقي غريبن دکين کي کارائڻ، پيسا ڏيڻ، انهن کي گهرجن کان مٿي رکڻ.

هي پيارو ڪوي ٻه هو. هن جي ٻاڻي عجيب آهه. هنديءَ ۾ ۽ پرشن ۾ هوشيار هو. انهن ٻنهي ٻولين ۾ هن پياري جي عجيب ٻاڻي آهه! مون ٿوري پڙهي آهه. پرشن مان ڪونه ڄاڻان؛ پر هندي ٿوري ڄاڻان. ان هندي ٻاڻيءَ مان فقط هڪ شلوڪ ڪڍي توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته توهان کي خبر پوي ته هي ڪيڏيءَ نه منزل جو انسان هو! هڪ هنڌ هي پيارو ڇا ٿو چوي؟

”رحيم ٻهه سنسار ۾، سڀ سي مل ڌاءِ.“

چوي ٿو:- ”هن سنسار ۾، هن جڳت ۾، پيارا! سڀني سان وڃي رل مل: سڀني سان ميلاپ ۾ رهه! انهن سان ڪوڙون ٻاءِ!“ ڇو؟ سبب ڪهڙو؟

”نا جاني ڪؤن، روپ ۾، ناراڻ مل جاءِ؟“

جڏهن شري ڪرشن برندابن ۾ اچي، تڏهن ضرور ڪنهن نه ڪنهن باغ ۾ ڪجهه وقت گذاري. برندابن جي ڪنج نڪنج ۾ آهه پيارو پڌاريو! ۽ هن باغ جي مٿان جو مالهي آهي، ان کي ڏاڍي چنتا آهه ته "ڪٿان مان پنهنجي پياري جو درشن ڪريان؟" باغ ۾ اڪ گل اپيو آهي- مالهي چوي ٿو ته "جيڪر پياري جي اچڻ تي خرچ ڪريان. ڪي ٿورا پئسا جيڪر ڪنا ڪريان." باغ ۾ اڪ گل آهي،- ڪمل گل- عجيب سونهن ان ڪمل گل جي آهه! ڪي ڪي ڪمل گل اٿو سونهن ۾ نيارا- بنگلور ۾ جڏهن مان وس، تڏهن کي ڪيترا سال ٿيا- بنگلور شهر ۾ اڪ وڏو تلاءُ آهي، اُتي اهڙا سندر سهڻا ڪمل گل مون ڏٺا- ٿورا ڏينهن اُتي ترسيس- هر روز روز ان باغ ۾ ويندو هوس ۽ ان باغ ۾ جو تلاءُ هو، ان پرسان بيهي ڪمل گلن جو درشن ڪندو هوس- عجيب سونهن! نيلا ڪمل گل، جي شيام کي ڏاڍا پيارا!

اِهو سندر ڪمل گل هي مالهي ڪٽي وڃي ٿو- چوي ٿو:- "من کو شاهوڪار ملي، جنهن کي هي گل وڪي ۽ اُن کان پئسا مونکي ملن، جي مان پنهنجي پياري تي خرچ ڪريان."

نڪري ٿو: اِڪ وڏي باغ جي نزديڪ اچي پهتو آهي ۽ اُت اِڪ ماڻهو کيس مليتو- چوي ٿو:- "مان مسافر آهيان- برندابن ۾ آيو آهيان- هر پدم نه شيام اچي ٿو،

[٦]

مالهي

اوچتوئي اوچتو اِڪ ڏينهن خبر پوي ٿي ته شيام سندر ٻرندابن ۾ اچي ٿو. پيارو اچي ٿو. گهر گهر شرنائون خوشيءَ جون وڄن ٿيون. ٻرندابن جي هڪ هڪ گهر ۾ پيا چون:- ”پنهنجي پياري کي کهڙي سوکڙي ڏيون. ڪيتري وقت کانپوءِ پيارو اچي ٿو؛ کهڙي سوکڙي شيام کي ڏيون؟“

دڪانن ۾ خبر پهچي وئي ٿي. هڪ هڪ دڪاندار پيو چوي:- ”پيارو اڄ هتان لنگهندو. کهڙي سوکڙي سندس چرنن ۾ رکان؟ کهڙي پيڙا؟“ ٻرندابن ۾ آهن ننڍا دڪان، ننڍا گهر؛ کير وارا آهن، ڏڌ وارا آهن، گوال آهن، هڪ هڪ پيو چوي ٻاٽڪي:- ”ڪا نه ڪا سوکڙي مان پياري جي چرنن ۾ رکان!“

اِڪ مالهي آهي؛ هڪ وڏي باغ جي سنڀال ڪري ٿو. ان مالهيءَ کي خبر پهچي وئي ٿي:- ”اسانجو پيارو اچي ٿو، اچي ٿو!“ سندس دل جي اندر ويچار آهه ته مان شيام سندر جو ستڪار ڪريان.“ ڇو ته جڏهن

شيام اڄ اچي ٿو، منهنجو پيارو اچي ٿو: ڇو نه اهو ڪمل گل مان شيام جي چرنن ۾ ڀيٽا رکان! ٻسو ٻسو ٿي ويندو: پر ڇو نه اهو ڪمل گل ڪنهن کي به نه وڪڻان ۽ شيام جي چرنن ۾ رکان!“

پيار مٿان ڪنهن کي وڪڻو! هيءَ، مالهي چيو:- ”ڇو نه هي ڪمل گل ڪنهن کي به نه وڪڻان! پر ڀيٽا ڪري پنهنجي پياري جي چرنن ۾ رکان.“

وزير کي چيو:- ”معاف ڪجو. هينئر مون ارادو ڪيو آهي ته هي ڪمل گل ڪنهن کي نه وڪڻندس، پر مان شيام جي چرنن ۾ ڀيٽا ڪري رکندس.“

هينئر شيام آيو. ان رستي تان لنگهي ٿـو، جت باغ آهي. هي مالهي ڊوڙندو ڊوڙندو ويو اُت، جت شيام کي وٺي پيا وڃن. شيام کي خبر پوي ٿي ۽ مالهيءَ کي چيو:- ”پيارا! مون کي اڳيئي خيال هو: مان اچان ٿو تنهنجي باغ ۾. پيارو آيو: اچي ان باغ ۾ سهڻو ٿو آهه. گل اسانجي دل جي چمن ۾ اچي! پريتم پيارو جنماشٽمي جي پوتر ڏينهن گل اسانجي باغ اندر اچي!

باغ ۾ آيو: مالهي ڪرشن جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو ۽ شيام کي چيو:- ”محبوب منهنجا! تنهنجي ڪمل قدمن ۾ هيءَ ڀيٽا: ڪر قبول! ڪر قبول!“

شيام جي اکين ۾ پاڻي آيو. عجيب پيار هو شيام کي غريبن واسطي، جن غريبن کي عجيب پيار هو شيام واسطي!

سو هڪ ٻه ڏينهن وڌيڪ مان ترسيو آهيان. تنهنجي هٿن ۾ هي عجيب گل آهي. ڪمل گل پيارو: مون کي وڪڻندين؟ گهڻو وٺندين؟"

مالهي چويس ته:- "سائين! مونکي هڪ سوني مهر ڏيو ته مان خوشيءَ سان اوهانکي هي ڪمل گل ڏيان."

ماڻهو چوي ته:- "چڱو. ويچار ڪريان."

اوڏي مهل ٽوليارين وچان نيون. اهو باغ هو اِڪ راجا جو. راجا ٻاهر نڪري ته. راجا مالهيءَ جي هٿن ۾ سهڻو گل ڏسي ته ء راجا جي دل هرکجي ويئي. راجا جو وزير اچي مالهيءَ کي چوي ته:- "گهڻو وٺندين؟ راجا صاحب جي دل ٿي آهي: گهڻو وٺندين؟"

مالهي چيئو:- "مان ڇا چوان؟ مان غريب! مونکي خبر ڪانهي ته اگهه ڪٿن مقرر ڪجي؟"

وزير چيئو:- "ٻڌاءِ."

مالهي چوي ته:- "سائين! مون کي هن ماڻهوءَ اڄ ڪٿي آهه هڪ سوني مهر جي: اوهين ٻڌايو گهڻو ڏيندا؟"

وزير چوي ته:- "توکي ڏهوڻو ڏينداسين. ڏه گهيون، ڏه سونيون مهرون توکي ڏينداسين."

مالهي ڏاڍو خوش ٿئي ته: چيئو:- "جيڪر ڏيان، پر مونکي ٿورو وقت ڏيو ته مان ويچار ڪريان."

اِڪ ڪنڊ ۾ ويهي ويچار ڪري ٿو. پوءِ پاڻ کي چيئو:- "هن ڪمل گل ۾ ڪهڙي ايڏي سونهن آهي؟

سنت مالا

[ساليانو چندو: ٥ رپيا]

رشين، سنتن ۽ درويشن جا وچن املوڪ آهن. ڪيترن
ته ڏکي دلين کي آٿت ٿا ڏين! اسانجا سڀ ڪم ۽ ڪاريون
بنگلا ۽ ماڙيون ناس ٿي وينديون، پر سنتن جي باڻي امر
قائم رهندي. ڪيترن ته هي وقت ويسر جو سمو آهي!
هن وقت شل ڪن دلين اندر گيتا ۽ گرباڻي سنتن ۽
فقيرن جي باڻيءَ جو آواز گهڙي وڃي ۽ ڪي دليون
ستگر جو جهنڊو جهولين! هن وقت جڏهن سنڌي پانو
۽ پيرو دکه ۾ آهن ۽ پيا پڪارين:- "آهي ڪو جو ٻچائي"
اُن وقت نام ٿي اسانجو آٿت آهه!

"سنت مالا" ۾ گيتا ۽ گرباڻيءَ ٻاهت، سنتن ۽ فقيرن
جي سکيا ۽ ساکيءَ ٻاهت ويچار ڇپبا وڃن ٿا.

هڪ هڪ پاڻ کي وينتي آهي ته سنتن جو پيغام
پاڻ پڙهي ۽ ٻين کي ٻڌائي. ضروري آهي ته "سنت مالا"
جو سنيهو هڪ هڪ سنڌي گهر ۾ پهچي.

وڌيڪ خبرچار لاءِ لکو:-

Manager,
"Sant Mala"
10 Connaught Road,
POONA [1]
India.

Printed by Karamchand N. Dewani at the Chandan
Printing Press, Hasali Tank Lane, Dadar (W.R.)
Bombay 28.
and published by Gangaram Sajandas
St. Mira's High School, 10 Connaught Road, Poona 1.

پوءِ ڪرشڻ ڪمل گل وٺي ٿو. ڪمل گل وٺي ڇاتيءَ تي رکي ٿو؛ پوءِ اکين تي رکي ٿو؛ پوءِ چپن تي رکي ٿو؛ پوءِ ان ڪمل گل کي چمي ٿو. پوءِ نهاري ٿو؛ نيڻن ۾ ور ور نهاري، ڪيترو نه اکين کي ٺاري ٿو! پوءِ پيارو شيام مالهيءَ کي چوي ٿو:- "پيارا! تو مونکي هڙي سندر سوکڙي ڏني آهه؛ گهر مونکان؛ توکي ڇا کپي؟ جيڪي گهرين، سو مان توکي ڏيان. توکي ڇا کپي؟"

مالهي اڄ پڙهيل آهه؛ پر سندس دل اندر عجيب پڳتي آهه. مالهي شيام جي اکين ۾ نهاري، ور ور نهاري شيام کي چوي ٿو:- محبوب منهنجا! مان ڇا گهران؟ نه، پڙسو پدارٿ! توکان مان ڇا گهران؟"

اڄ تائين ڳوناٺا ائين ڳالهائيندا آهن. "توهين"، "توهين" اسان شهرواسين جو رواج آهي. پر هي ڳوناٺا، تنهن دل اندر ڪيڏو نه قرب ڪيڏي نه محبت! هي مالهي شيام ڏي نهاري چوي ٿو:- "محبوب منهنجا! توکان ڇا گهران؟ ڏي مونکي پنهنجي ڪمل چرنن جي ڌوڙ!" ٻڌي هن شيام مالهيءَ کان پڇي ٿو:- "پيارا! تون چرنن جي ڌوڙ ڇو ٿو گهرين؟"

مالهي چوي ٿو:- "محبوب منهنجا! گهران ٿو توکان تنهنجي ڪمل چرنن جي ڌوڙ، ڇو ته اُن ۾ چمڪي چمڪي پيو تنهنجو نُور، تنهنجو نُور!" ڪيڏي نه سڪ هن مالهيءَ کي!

شري ڪرشن ۽ گيتا تي واسوانيءَ جا پستڪ

گرڌر گوپال	٠-٨-٠
گيتا گيان [ڀاڱو ١، ٢، ٣ ۽ ۴ گڏ]	١-٠-٠
گيتا اپديش [اٺ ڀاڱا ڀيرون]	٠-٦-٠
گيتا: سکيا ۽ سار [١، ٢، ٣، ۴، ۵ ۽ ٦ هر هڪ]	٠-٨-٠
ڌرم کيتر	٠-٢-٠
گوتم گيتا	٠-٨-٠
گيتا مڻي [پاڪيٽ سائيز]	٠-۴-٠
شريمد ڀڳوت گيتا [سنڌي ڪوتا ۾]	١-۴-٠
آتم گيتا [ڀاڱو ٧]	٠-٨-٠
شيام سندر	٠-٣-٠
شيام شرڻ	٠-٦-٠
موهن مراري	٠-٨-٠
جوڳي جادوگر	٠-٨-٠
شيام شمع	٠-٨-٠
رگھوناٿ	٠-٨-٠
شريڌر	٠-٦-٠
موهن لالا	١-۴-٠
عاشقن جي راهه	٠-٨-٠
گيتا: تصويرون [ڀاڱو ١، ٢، ٣، ۴ ۽ ۵ هر هڪ]	٠-٨-٠

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻي لکپڙه لاءِ لکو:-

آنرري مئنيجر،
"سنت مالا"
گيتا مشن آفيس،
١٠ ڪئنال روڊ، پونا [١]